# ٣. سچو شراڌ

ٻُڌو، پڙهو ۽ سمجهو:



سنت ايڪناٿ جي پيءُ جو شراڌ هو. برهمڻن کي کارائڻ لاءِ هن اَنيڪ سوادي طعام تيار ڪرايا ۽ پوءِ برهمڻن کي نيوتو موڪليائين. هينئر هو برهمڻن جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ايتري ۾ هن ڏٺو تہ هڪ نهايت ئي غريب ماڻهوُ ڦاٽل ڪپڙن ۾، سندس سامهون بيهي چئي رهيو آهي ”سائين، مان ڪيترن ڏينهن کان بکايل آهيان. مون تي ديا ڪريو نہ تہ مان بک وچان مري ويندس.“

”اَچ پيارا اندر اَچ.“ سنت ايڪناٿ هن کي آسڻ تي وهاريو ۽ پيٽ ڀري ڀوڄن ڪرايو. هو ڀوڄن ڪري ئي رهيو هو تہ ايتري ۾ برهمڻ بہ سندس پيءُ جو شراڌ کائڻ لاءِ اَچي پهتا. سنت ايڪناٿ اَڳيان اَچي، اُنهن جو سواڳت ڪيو.

برهمڻ اِهو ڏسي بيحد ڪاوڙجي ويا تہ شراڌ لاءِ تيار ڪيل ڀوڄن، هُنن کان اَڳ ڪو مسڪين کائي رهيو هو.

اَسانکي پنهنجي پترن جي شانتيءَ لاءِ گهرايو اٿيئي يا اَسان جو اپمان ڪرڻ لاءِ، برهمڻ ٻڙ ٻڙائڻ لڳا. ايڪناٿ هٿ جوڙي چوڻ لڳو، ”برهمڻ ديوتا، هيءُ غريب بک ۾ پاهہ ٿي رهيو هو. هن کي ڀوڄن

نہ ڪرائي، مهاپاپ جو ڀاڱي ٿيان ها. توهان اُها ڳالھ چڱي ڏيو ۽ اَندر اچي آرام سان ڀوڄن ڪريو.“

”نہ، اَسين بکيائي وڃي رهيا آهيون. هينئر تنهنجا پٽر بہ بکہ مرندا. تون نرڪ ۾ ويندين.“

برهمڻ ڪروڌ وچان، ايڪنات کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا، اُٺان بنا ڀوڄن ڪرڻ جي وڃڻ لڳا.

اَچانڪ غريب بکايل جي چهري تي هڪ شڪل اُڀري آئي سيني ڏٺو تہ اُها سنت ايڪنات جي پتا جي شڪل هئي.

ايڪنات موٽي ويندڙ برهمڻن کي چيو، ”مان هن غريب کي ڀوڄن ڪرائي پوريءَ طرح ترپت آهيان.“

غريب جي چهري تي سنت ايڪنات جي پتا جي شڪل ڏسي، اُنهن براهمڻن جو گهمنڊ چوُر چوُر ٿي ويو.

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| طعام - کاڌا | بکہ ۾ پاهہ ٿيڻ - بکہ ۾ مرڻ | مسڪين - غريب |
| چوُر چوُر ٿيڻ - ناس ٿيڻ | گهمنڊي - اَيماني | پِتر - سرڳواسي مائٽ |

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:-**

١) سنت ايڪنات پيءُ جو شراڌ ڪيئن ڪيو؟

٢) برهمڻ ڇو ڪاوڙجي ويا؟

٣) ايڪنات برهمڻن کي ڪهڙي وينتي ڪئي؟

٤) برهمڻن جو گهمنڊ ڪيئن چوُر چوُر ٿي ويو؟

**سوال ٢: هيٺيان جملا ڪنهن ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) ”مونتي ديا ڪريو نہ تہ مان بکہ وچان مري ويندس.“

٢) ”پنهنجي پترن جي شانتيءَ لاءِ گهرايو اٿيئي يا اَسانجو اپمان ڪرڻ لاءِ؟“

٣) ”هينئر تنهنجا پِتر بہ بکہ مرندا. تون نرڪ ۾ ويندين.“

٤) ”مان هن غريب کي ڀوڄن ڪرائي پوريءَ طرح ترپت آهيان.“

**سوال ٣: خال ڀريو.**

١) سنت ايڪنات جي پيءُ جو -----هو.

٢) برهمڻ اِهو ڏسي بيحد ----- ويا.

٣) برهمڻ اِهو ڏسي بيحد ---- ويا.

٤) توهان اُها ڳالھ چڱي ڏيو ۽ اندر اَچي ----- سان ڀوڄن ڪريو.

٥) اَچانڪ غريب بکايل جي ----- تي هڪ شڪل اُڀري آئي.

**سوال ۴ الف: هيٺين جا ضد لکو:-**

(۱) غريب (۲) پاپ (۳) شانتي (۴) اَڳيان (۵) نرڪ

**ب: هيٺين جي جنس بدلايو:-**

(۱) سنت (۲) نوڪر (۳) پيءُ (۴) ماسي (۵) برهمڻ

**ث : ساڳي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو:-**

| | |
|---|---|
| ۱) ڪاوڙ | ۱) اوچتو |
| ۲) اَچانڪ | ۱) غريب |
| ۳) مسڪين | ۳) ڪاڌا |
| ۴) طعام | ۴) غصو |

**هدايت :-** ماستر ٻارن کي اَنڌ وشواس ڪان پري رهڻ جي نصيحت ڏيندو.

**مشغولي:** اَڄ سماج ۾ اَنڌ وشواس جوُن ڪهڙيون ڳالهيوُن آهن، اُها ڄاڻ حاصل ڪري لکو.

## پورڪ اَڀياس

سبق جي ٽڪر تي مشغوليون

برهمڻ ڪروڌ وچان -------------------------- گهمنڊ چُور چُور تي ويو.

**(الف) برئڪيٽ ۾ ڏنل هدايت موجب جملا لکو:-**

۱) سيني ڏٺو (ڏٺو لفظ بدران 'نظر' لفظ ڪم آڻي جملو وري ٺاهي لکو.)

۲) اُنهن برهمڻن جو گهمنڊ چُور چُور تي ويو. (ليڪ ڏنل لفظن بدران ٻيا مناسب لفظ لکي جملو وري ٺاهي لکو.)

۳) برهمڻ ڪروڌ وچان، ايڪنات کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا، اُتان بنا يوجن ڪرڻ جي وڃڻ لڳا. (اِن جملي ۾ ''ڪانسواءِ'' لفظ ڪم آڻي جملو وري لکو.)

(۴) اِها سنت ايڪنات جي پتا جي شڪل هئي (ليڪ ڏنل لفظ گرامر موجب سڃاڻو.)

**(ب) ٽڪر مان اِسم، فعل، ضمير ڳولهي لکو.**

**(ث) هيٺ ڏنل مهان هستين کي سڃاڻو ۽ اُنهن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪري لکو:-**




